SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1990
# SINDH ACT NO.V OF 1990
# سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1990
# THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) (AMENDMENT) ACT, 1990
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act XXVI of 1974
3. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XXVI of 1974
4. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI ۾ دفعه 5-A جي شموليت
Insertion of Section 5-A in Sindh Act XXVI of 1974
5. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act XXVI of 1974
6. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI ۾ دفعه 6-B جي شموليت
Insertion of Section 6-B in Sindh Act XXVI of 1974
7. 1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Act XXVI of 1974

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1990
SINDH ACT NO.V OF 1990

# سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگھارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1990

# THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) (AMENDMENT) ACT, 1990

[6 جولاءِ 1990]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگھارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگھارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگھارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1990 سڏيو ويندو.
(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act XXVI of 1974

2. سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگھارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾، لفظن "ٻه هزار" لاءِ لفظن "ٻه هزار ۽ پنج سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of

3. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 4 ۾، لفظن "هڪ سئو

۾ پنجاهه” لاءِ لفظن “تي سئو” سان متبادل بڻايو ويندو.

Section 4 of Sindh Act XXVI of 1974

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI ۾ دفعه 5-A جي شموليت

Insertion of Section 5-A in Sindh Act XXVI of 1974

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 5 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

(مفت مسافري) ”5-A (1) سال دوران ميمبر کي پنجويهه هزار رپين جي قيمت جا اهڙا ووچر ڏنا ويندا ته جيئن اهو پاڪستان اندر ڪنهن به وقت تي هوائي يا ريل رستي پاڻ ڪرائي ڀرڻ کانسواءِ سفر ڪري سگهي.

بشرطيڪ ته جتي ڪو شخص هلندي سال ۾ ميمبر ٿئي ٿو ته ته ان جي ووچرز جي قيمت انهيءَ نسبت سان گهٽائي ويندي.

(2)ميمبر جيڪو ووچرز وٺڻ نه چاهي ته ان کي اهڙن ووچرز جي جڳهه تي ويهه هزار رپين جو الائونس ڏنو ويندو.

(3)ڪو ووچر جيڪو ذيلي دفعه (1) تحت ميمبر کي ڏنو ويو آهي اهو ميمبر جي ڪٽنب طرفان استعمال ٿي سگهي ٿو.

(4) ميمبر طرفان ڪيس ذيلي دفعه (1) تحت فراهم ڪيل ووچر ڪنهن سفر جي مقصد لاءِ استعمال ڪنهن به صورت ۾ ڪيس هن ايڪٽ تحت اهڙو الائونس حاصل ڪرڻ واري حق کي متاثر نه ڪندو.

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of

وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ “ڪٽنب” مطلب شريڪ حيات ۽ ٻار ۽ “ميمبر” ۾ اسپيڪر، ڊپٽي

Sindh Act XXVI of 1974

اسپيڪر وزير، وڏي وزير جو صلاحڪار، وڏي وزير جو خاص معاون، پارليامينٽري سيڪريٽري ۽ مخالف ڌر اڳواڻ شامل آهي.”

4-A. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 جي شق (b) ۾، لفظن ”پنج سئو رپيا“ لاءِ لفظن ”ٻه هزار رپيا“ کي متبادل بڻايو ويندو؛

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI ۾ دفعه 6-B جي شموليت

Insertion of Section 6-B in Sindh Act XXVI of 1974

4-B. ڇاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 6-A کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي.

(آفيس مينٽيننس الائونس) ”6-B. ميمبر کي ماهوار هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا آفيس مينٽيننس الائونس جي مد ۾ ڏنا ويندا.“

1974 سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Act XXVI of 1974

5.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 7 جي شق (a) ۾، لفظن ”ٻه هزار“ لاءِ لفظن ”ٽي هزار“ کي متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي